نئين ناني



هوند راج بلواڻي

[illegible]

[illegible]

[illegible]

نئين ناني

ليکڪ :
هوندراج بلواڻي

پرڪاشڪ :
وينا پبليڪيشن
٧٠، راجيو اپارٽمينٽ، گول ميدان، الهاسنگر-٤٢١٠٠١
فون : ٧٠١٠٣

مهاڳ

ڪهاڻيءَ جو جنم ماڻھوءَ جي جنم سان گڏوگڏ ٿيو آهي. آدي - مانو اڳيان ڪا وچتر گهٽنا گهٽي، ته هو اها گهٽنا ٻين کي ٻڌائڻ لاءِ مضطر ٿيڻ لڳو ۽ بس پوءِ انهيءَ ٻڌڻ ٻڌائڻ جي ڀاونا ئي ڪهاڻيءَ کي جنم ڏنو. ٻڌڻ ٻڌائڻ ۾ پنهنجو سک آهي. انهيءَ ڪري ڳالهائڻ سکڻ تي ئي ٻار آکاڻي ٻڌڻ چاهيندو آهي ۽ جڏهن انجي ٿوري ڪلپنا شڪتي جاڳرت ٿيندي آهي ته پوءِ هو آکاڻي ٻڌائڻ به چاهيندو آهي.

شعر ۾ خيالي پرواز گهڻو هوندو آهي ۽ وڏا شاعر عنقا ۽ انل جيان هن دنيا مان پرواز ڪري ڪنهن بالا عالم ۾ اُڏامندا آهن. شاعر هر هڪ چيز کي روز ائين ڏسي جڻ ته اها سندس نگاهه ۾ پهريون دفعو آئي آهي. شاعر ۽ ٻار جي وچ ۾ نسبت اها آهي جو هو هر ڪنهن وستوءَ کي عجب جي درشٽيءَ سان ڏسن ٿا. انهي لحاظ کان ٻال ساهت کي اهميت آهي. فرق رڳو اهو آهي جو شعر ۾ نازڪ خيالي ۽ بلند پروازي هوندي آهي ۽ ٻال ساهت ۾ ٻوليءَ جي سادگي ۽ ان سان گڏ عام فهمي - جيئن معصومن جي دل به رنجهي ۽ سندن اچرج جي سرمائي ۾ به اضافو اچي. ٻال ساهت ۾ انساني طبيعت جو نظارو اهڙي نوع ۾ پيش ڪيل هوندو آهي جيئن وڏن کي فلسفانه خوراڪ حاصل ٿئي ۽ ننڍن کي فطرتي لطف ۽ تفريح.

اڄ جو ٻالڪ اڳين پيڙهيءَ جي ٻالڪ کان وڌيڪ چست ۽ تيز فهم آهي. هو وڏن لاءِ لکيل ڪتاب به پڙهي ٿو. انڪري اڄ ٻال ساهت کي صرف راجا راڻين، ديئتن، ڏائڻين، جنن ڀوتن، جانورن پکين جي وندرائيندڙ ۽ نصيحت آميز آکاڻين

Nai Nani

(Children Stories)

By :

Hundraj Balwani

●

Publisher :
Rajesh Lachhani
Veena Publication
701, Rajiv Apartment,
Goal Maidan,
Ulhasnagar-421 001.
Tel. 70103

سلسلو

●

Printer :
Ishwardas V. Jadwani
Raju Printers,
Station Road,
Ulhasnagar-421 003.

●

Year : 1990
Price : Rs. 10/- only

انعام به ملي چڪا آهن.

اڄ جو زمانو Specialization جو زمانو آهي. اڄ ساهتڪار کي پنهنجي قوتن جو اپيوگ، ان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ صنفن تي ڪرڻ جڳائي، جن تي کيس عبور حاصل هجي ۽ هوندراج بلواڻيءَ ائين ئي ڪيو آهي.

هن صاحب ٻن سڌيءَ ۾ ننڍن ٻال - ساهت جي رچنا ڪئي آهي. هن ٻال - ساهت کي صرف سنڌي لوڪ - ڪهاڻين يا ۽ ديو پرين تائين محدود ڪين رکيو آهي. هن اڄ جي وقت ۽ واتاورڻ انوسار ئي ٻال ساهت جو سرجن ڪيو آهي. وگيانڪ ايجادن وغيره جو پنهنجي ٻال - ساهت ۾ استعمال ڪري، هن نه صرف ٻارن کي وندرايو آهي پر سندن گيان جو دائرو به وسيع ڪيو آهي.

بلواڻيءَ جي ٻال ڪهاڻين جي وڏي وصف اها آهي جو هن صاحب نون نون وشين کي ڇهيو آهي. هن پنهنجين ڪهاڻين کي صرف پرمپراگت ٻال ڪهاڻين تائين ئي محدود نه رکيو آهي. هن جون ڪهاڻيون واجائي محلن مان ٻاهر نڪري، اڄ جي ٻارن سان گڏو گڏ هلن ٿيون. هن مجموعي ۾ آيل ڪهاڻيون به لڳ ڀڳ اهڙيون ئي آهن.

"ننڍين ناني" ۾ ليکڪ ٿي. ويءَ کي نانيءَ جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي پر انهيءَ نصيحت سان گڏ ته. هرڪا ڳالهه حد کان وڌيڪ هاڃيڪار ٿيندي آهي.

" ٽي باندر" آکاڻيءَ ۾ ليکڪ گانڌيءَ جي ٽن باندرن واري واندڪي جي مثال مان سمجهايو آهي ته " اسانکي ڪنهن جي به برائي نه ڪرڻ کپي نه ڏسڻ کپي ۽ نه ٻڌڻ کپي"

" آکاڻي آکووت جي" آکاڻيءَ ۾ آکووت جي قربانيءَ جي ڪهاڻي، اکووت جي زباني ڏني وئي آهي. وچ ۾ نصيحت

تائين محدود رکڻ مناسب ناهي.

اڄ ٻارن کي ساهت دواران حقيقتي دنيا سان به جوڙڻو آهي. زندگيءَ جي بدلجندڙ ملهن ۽ قدرن جي ڄاڻ به ٻارن کي ڏيڻ جڳائي. پراهڙي نموني نه جو ٻار کي اهڙا اچن پراهڙي دلچسپ ۽ روچڪ نموني جو ٻار انکي دل سان گرهڻ ڪري.

ٻال ساهت جي رچنا ڪرڻ وقت اڄ ليکڪ کي وگيان جي واڌاري جو به ڌيان رکڻو آهي. وگيانڪ ايجادون ۽ سائنس جي ترقيءَ کي ٻال - ساهت جي دائري اندر آڻڻ سان نه صرف نئين ٻال ساهت جي رچنا ٿيندي پر ٻالڪن جي وگيانڪ ڄاڻ جو دائرو به وسيع ٿيندو ۽ انهن جي ڪلپنا شڪتي به اجاگر ٿيندي.

سنڌي ۾ ٻال - ساهت جي کوٽ آهي. اڄ ڏاڏيون نانيون آکاڻيون ٻڌائڻ لاءِ رهيون ڪونهن. نتيجو اهو نڪتو آهي جو ٻارن کي پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻي پوي ٿي يعني ڪتابن ۽ رسالن مان آکاڻيون ڳولهي پڙهڻيون پون ٿيون يا ريڊيو ٽيليويزن کي ڏاڏي ڏاڏيءَ، ناني - نانيءَ جي جڳهه ڏيڻي پوي ٿي.

اڄڪلهه ٻارن کي وقت به گهٽ آهي. پڙهائيءَ جو بوجهه هڪ طرف آهن ۽ جيڪي وقت بچين ٿو سو سينما، ٽيليويزن يا ويڊيو هڙپ ڪيو وڃين. انڪري ٻاڻ اڄ ٻارن لاءِ صحتمند ساهت جي ضرورت اڳي کان ڪافي وڌيڪ محسوس ڪئي وڃي ٿي.

ٻال ساهت جي واڌاري لاءِ هوندراج بلواڻي جون ورتل ڪوششون سچ پچ ساراهه جوڳيون آهن. مان سمجهان ٿو ته سنڌيءَ ۾ ٻال - ساهت جا ڪتاب هن صاحب ئي گهڻي ۾ گهڻا لکيا آهن. "گلستان" ذريعي هن ٻين ليکڪن کي ٻال ادب رچڻ جي پريرڻا به ڏني آهي. ٻال - ساهت ۾ هنکي ڪيترا

نئين ناني

انوءَ کي هڪ ڏينهن اسڪول ۾ ماستر آکاڻي ٻڌائي. اها آکاڻي انوءَ کي ڏاڍي وڻي. اسڪول مان انهيءَ ڏينهن جلدي موڪل ملي ويس سو ڊوڙندو ڊوڙندو گهر آيو. سندس پيءُ اڃا تائين آفيس نه ويو هو. انوءَ کي اسڪول مان سوير آيل ڏسي سندس پيءُ پڇيو، ”اڄ اسڪول مان جلدي ڇو آيو آهين؟“

انوءَ خوش ٿي چيو، ”پپا، اڄ اسان کي جلدي موڪل ملي آهي. خبر اٿوَ، اڄ اسان جي سائينءَ هڪ مزيدار آکاڻي ٻڌائي.“

”اڇا؟ ڪهڙي آکاڻي پٽ؟“ پيءُ پڇيس.

”لومڙ ۽ ڪانءَ واري. ڏاڍي مست آکاڻي هئي.“ انوءَ چيو.

”واهه. ڀلا رات جو اها مونکي به ٻڌائيندين نه؟“

”اصل نه. توهان مونکي ڪڏهن آکاڻي ٻڌائيندا آهيو جو مان توهان کي ٻڌايان.“

تنهن تي پيءُ انوءَ کي چيو، ”ڇا ڪريان پٽ. سڄو ڏينهن آفيس ۾ ڪم ڪري ٿڪجي ٿو اچان. وقت ئي نٿو ملي جو توکي آکاڻي ٻڌايان. تنهنجي

آميز ۽ لاڀدائڪ نڪتا به آهن، ”توهانکي خبر ناهي ته اڄڪلهه ڪي ڏنگا ماڻهون جدا جدا شين يا رانديڪن ۾ بم لڪائي ٻي گهڻاهه ماڻهن جون جانيون ٻيا وٺن. توهان ڪا به شڪي شيءِ ڪٿي ڏسو ته انکي هٿ نه لائجو.“

”مرغارام ۽ طوطارام“ آکاڻيءَ ۾ اها سمجهاڻي ڏنل آهي ته پنهنجي وڏن جي ڪيل ڪمن کان اڻاڻو نتائڻ نيڪ ناهي. هرهڪ ساهواري تي پنهنجو الڳ الڳ ڪم سونپيو ويو آهي اهو ڪمُ ڪرڻو آهي. جيڪو ڪم ڪرڻ کان نٽائي ٿو، انکي اگرو نتيجو ڏسڻو ٿو پوي.

”مار پيٽ موتوءَ تي“ ۾ ٻڌايل آهي ته اجائي لالچ ڪرڻ سان تڪليف ڏسڻي پوندي آهي.

”گڏ ٻڙ“ ۾ ٻہي پنهنجي عقلمندي ۽ دوراندشيءَ سان ڪيئن ٻشڪ کي لٽجڻ کان بچايو - انجو احوال ڏنل آهي.

ڪل ملائي ”نئين ناني“ سنڌي ٻال - ساهت ۾ هڪ سٺو اضافو آهي.

جگديش لڇاڻي

سنڌو نگر - ١

تاريخ :- ١٥-١٠-١٩٩٠

گلو صاف ڪيو ۽ چيو، ”هڪڙو هو بادشاهه.“

”بادشاهه؟ بادشاهه معنيٰ ڇا پيا؟“ انوءَ پڇيو.

”بادشاهه معنيٰ راجا. جيڪو راڄ ڪري.“

”راڄ معنيٰ ڇا؟“ انوءَ وري پڇيو.

”راڄ معنيٰ حڪومت.“ پيءُ جواب ته ڏنو پر پاڻ ئي محسوس ڪيائين ته انوءَ کي حڪومت جي معنيٰ وري ڪٿان ايندي.

ڪجهه دير سوچڻ کان پوءِ پيءُ چيو، ”چڱو ڇڏ. مان توکي ٻي آکاڻي ٿو ٻڌايان.“ ائين چئي هن آهستي آهستي هن طرح آکاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي:

هڪڙو هو شينهن. هو جهنگل جي سڀني جانورن کي ماري کائي ڇڏيندو هو. سڀني جانورن سوچيو ته هيئن شينهن جانورن کي ماري کائيندو ويندو ته جهنگل جا سڀ جانور ختم ٿي ويندا...

ائين چئي انوءَ جو پيءُ ٿوري دير رڪيو.

انوءَ چيو، ”توهان کي آکاڻي ٻڌائڻ به نٿي اچي. اسانجو سائين ته مست نموني آکاڻي ٻڌائيندو آهي.“

پيءُ چيو، ”پٽ، پاڻ کي ته اهي آکاڻيون ٻڌائڻ اچن ئي ڪون. آکاڻين ٻڌائڻ جو ڪم ته نانين جو آهي. تنهنجي ناني ته رهندي آهي شهر. هتي رهندي هجي ها ته تنهنجي سائينءَ کان به سٺي نموني آکاڻي ٻڌائي ها.“

ممي کي به گهر جي ڪمن مان فرصت ئي نٿي ملي."

"ته پوءِ ڀلا اسان کي آکاٽي ٻڌائيندو ڪير؟ اسڪول ۾ به اسان جا سڀ ٽيچر آکاٽي نه ٻڌائن. سڄو ڏينهن پڙهڻ کان سواءِ ڪوئي ڪم نٿا چون. توهان به آفيس مان ٿڪجي اچو. ممي به سڄو ڏينهن گهر جا الائي ڪهڙا ڪم پيئي ڪري. ڪوئي به مون کي آکاٽي نٿو ٻڌائي. توهان سڀ ڪنا آهيو. مان توهان سان اصل نه ڳالهائيندس."

ائين چئي انو رسي، پلنگ تي وڃي ويٺو. پٽس انوءَ جي پرسان اچي کيس سمجهايو، "پٽ، ائين رسبو ٿورئي آهي. توکي آکاٽي ٻڌڻي آهي نه؟ اڄ مان توکي رات جو آکاٽي ضرور ٻڌائيندس. بس؟ هينئر مونکي آفيس وڃڻ ڏي." ائين چئي پٽس آفيس هليو ويو.

رات جو کائي پي جڏهن سڀ واندا ٿيا، تڏهن انوءَ پيءُ کي چيو، "هينئر آکاٽي ٻڌايو! توهان جو چيو هو ته رات جو ٻڌائيندس."

"اڙي ها. آکاٽي ٻڌائڻ جو توسان واعدو ڪيو هوم. ويهه ته آکاٽي ٻڌايانءِ." ائين چئي پٽس کيس پرسان وهاريو. انو آکاٽي ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو.

انوءَ جي پيءُ آکاٽي ٻڌائڻ شروع ڪئي. هن

ڪري، پپا مشڪري ٿو ڪري“...

”مشڪري نٿو ڪريان پٽ، هن ۾ تنهنجي نـاني ئي آهي پر نئين ناني. اڄڪلهه جـي زماني جـي ناني. تنهنجي ناني. منهنجي ناني. سڀ جـي ناني. اڇا ٿو توکي ڪوڪي مان ڪڍي ڏيکاريان.“

انوءَ هينئر ڪلڻ بند ڪيو. هوُ انتظاريءَ سان ڏسڻ لڳو ته ان ڪوڪي مان ڪهڙي ٿي نئين نـاني نڪري. آخر ڪوڪو کليو ته ان مان سچ پچ نڪتي نئين ناني. اها ناني هئي ٽي.وي. انـوءَ ڪوڪي ۾ ٽي.وي. ڏٺي ته وري ڪلڻ لڳو. چيائين، ”هيءَ ته ٽي.وي. آهي.“

”ها، هيءَ ٽي.وي. ئـي آهي.“ پڻس چيو، ”اڄ ڪلهه جي ٻارن کي هيءَ ئـي ناني ٻڌجي آکاڻيون ٻڌائيندي آهي. نه صرف آکاڻيون پر ناٽڪ به ڪري ڏيکاريندي آهي. اڄ کـان وٺي هيءَ نئين نـاني توکي وندرائيندي.“

انـو ٽي.وي. ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. پيءُ کـي چيائين، ”پپا، توهان ڏاڍا سٺا آهيو. منهنجن ڪيترن دوستن جي گهر ۾ ٽي.وي. آهي. اُهي روز مونکي نون نون پروگرامن جـون ڳالهيون ٻڌائيندا هئا ته منهنجي به دل ٿيندي هئي ته جيڪر اسان جي گهر بـه ٽي.وي. هجي. هينئر مـان جام جام پـروگرام

انوءَ چيو، ”تہ پوءِ نانيءَ کي هتي ڇو نہ ٿا گهرايو.“

پيءُ چيو، ”تنهنجي نانيءَ کي ضرور گهرائي ونبو. هينئر پنهنجا گهرو ڪم پورا ڪري وٺ. پہ ٿي ڏينهن رکي تنهنجي نانيءَ کي گهر وٺي اچبو. پوءِ جيترين وڻني اوترين آڪاٽيون پيو ٻڌجانس.“

انو چپ ڪري ويٺو. هوُ سوچڻ لڳو تہ ڪهڙو ڪارڻ آهي جو نانيءَ کي آڪاٽيون ٻڌائڻ اچن ٿيون پر پپا کي نہ! نانيون اهي آڪاٽيون ڪٿان سکي ايندڀون هونديون!

خير، انهيءَ ڏينهن تہ انو گهر جا ڪم ڪري سمهي پيو پر ان ڪان پوءِ هو روز پنهنجي پيءُ ڪان اهو ضرور پڇندو هو تہ ناني آخر ڪڏهن ايندي؟

هڪ ڏينهن انوءَ جو پپا هڪ مزور ڪان وڏو ڪوڪو کڻائي گهر آيو. انوءَ ڪوڪو ڏٺو تہ ڊوڙندو پيءُ وٽ آيو، ”پپا پپا، هي ڇا وٺي آيا آهيو؟“

”تنهنجي نانيءَ کي وٺي آيو آهيان.“ پٽس ائين چيو تہ انو کلڻ لڳو. ”نانيءَ کي؟ ناني وري هن ڪوکي ۾ ڪيئن ايندي؟“

انوءَ جي ماءُ بہ اهو ٻڌي کلڻ لڳي. پر انوءَ جي پيءُ گنڀير ٿي چيو، ”پٽ، هن ۾ تنهنجي ناني ئي آهي.“

انو وري کلڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو، ”پپا مشڪري ٿو

انوءَ امتحان جو نتيجو ٻڌو ته وائڙو ٿي ويو. انوءَ جي پيءُ کي به گهڻو ڏک ٿيو. هن انوءَ کي چيو، ڪنهن به شيءِ کي حد کان وڌيڪ ڪم آڻبو آهي ته انهيءَ مان نقصان ٿيندو آهي. پوءِ ڀلي اها ڪيتري به سٺي شيءِ ڇو نه هجي.“

انوءَ جو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو. پٽس جي ڳالهه ته صحيح ئي هئي. هو جيڪڏهن سڀ پروگرام ڏسڻ بجاءِ ٿورا پروگرام ڏسي ها ته پڙهڻ لاءِ چڱو وقت ڪڍي سگهي ها.

پٽس چيس، ”هينئر جيڪي ٿي ويو سو ٿي ويو. ٻئي سال وري پهريون نمبر اچي ڏيکاريندين ته غلطي معاف!“

انوءَ چيو، ”ها پيا، مان ائين ئي ڪندس.“

ڏسندس.“



ان ڏينهن کان پوءِ انو انهيءَ نئين نانيءَ سان ايترو ته هري مري ويو جو سڄو وقت انهيءَ جي پرسان ويٺو هوندو هو. ڪوئي به پروگرام هجي انو ضرور ڏسندو هو. ٻارن جا پروگرام هجن چاهي وڏن جا پروگرام، هو ڪو به پروگرام ڇڏڻ نه چاهيندو هو. ماءُ ڪوئي ڪم چوندي هئس ته ”پوءِ ڪندس پوءِ ڪندس“ چئي ٽاري ڇڏيندو هو. نئين نانيءَ سان انوءَ جو ايڏو نينهن ڏسي سندس ماءُ پيءُ کي جنتا ٿيڻ لڳي. ڏيري ڏيري انوءَ کان پڙهڻ لکڻ به وسري ويو. انهيءَ ڪري امتحان جي پوري تياري به نه ڪري سگهيو. نتيجو اهو نڪتو جو سڄي ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندڙ انو ڇهين نمبر تي وڃي بيٺو.

ويٺو هو، پيو باندر ڪنن تي ٻ ٽيون وات تي."

ٻارن پڇيو، "پر اهڙيءَ طرح اکين، ڪنن ۽ وات تي هٿ رکڻ جو ڪهڙو مطلب؟"

دادا چيو، "مطلب ته ضرور آهي منهنجا پيارا ٻالڪو. اکين تي ٻئي هٿ رکڻ وارو باندر ٻڌائي ٿو ته ڪنهن جي به برائي نه ڏسڻ گهرجي."

"واهه!" مهيش چيو.

"۽ ٻئي هٿ ڪنن تي رکڻ وارو باندر ڇا ٿو چوي؟" سريش پڇيو.

"اهو چوي ٿو ته ڪنهن جي به برائي نه ٻڌجي." دادا جواب ڏنو.

"واهه!" رميش چيو، "۽ ٽيون باندر برائي نه ڪرڻ جي ڳالهه چوندو هوندو."

"بلڪل برابر." دادا چيو، "اهڙيءَ طرح ٽيئي باندر اسانکي سنديش ڏين ٿا ته ڪنهن جي به برائي نه ڏسجي، ڪنهن جي به برائي نه ٻڌجي ۽ ڪنهن جي به برائي نه ڪجي."

مهيش چيو، "ته پوءِ دادا، هن تصوير وارا ٽي ٻالڪ به ٽن باندرن وانگر ويهي اسانکي اها ئي ڳالهه چوندا هوندا. ائين برابر آهي نه؟"

"ها بلڪل برابر." دادا جيو.

ان وقت رميش چيو، "دادا، اسانجو به اهڙو هڪ

۲. ٽي بانڊر

مهيش، سريش ۽ رميش ٽي ڀائر هئا. موڪل جي ڏينهن هنن جو دادا کين گانڌي آشرم وٺي ويو. آشرم ۾ داخلا ٽيڻ وقت پٽ ٽي هنن هڪ سندر تصوير ڏٺي، جنهن ۾ ٽي ٻالڪ ويٺا هئا. انهن مان هڪ ٻالڪ پنهنجا ٻئي هٿ اکين تي رکيا هئا، ٻئي ٻالڪ ڪنن تي ته ٽئين ٻالڪ وات تي هٿ رکيا هئا.

تصوير ڏسي مهيش پڇيو، ”دادا، هي ورپ ڪهڙا ٻالڪ آهن؟“

سريش پڇيو، ”هي ٽيئي ائين هٿ رکي ڇو ويٺا آهن؟“

رميش پڇيو، ”ڪيڏا سٺا ٿا لڳن!“

دادا جواب ڏنو، ”هي ٽي ٻالڪ آهن گانڌيجيءَ جي ٽن بانڊرن جهڙا!“

”گانڌيجيءَ جا ٽي بانڊر!“ سينٿي کي عجب لڳو، ”گانڌيجيءَ کي ٽي بانڊر به هئا ڇا؟“

دادا چيو، ”گانڌيجي پاڻ وٽ ٽن بانڊرن جو هڪ رانديڪو رکندو هو. اهو رانديڪو کيس ڏاڍو وڻندو هو. ٽن بانڊرن جي انهيءَ رانديڪي ۾ ٻــ اهڙيءَ ريت هڪ بانڊر پنهنجا ٻئي هٿ اکين تي رکي

ميش وات بند ڪندو- ٺيڪ آهي نه؟"

تنهي ٻارن چپ چاپ فوٽو ڪڍايو.



فوٽو ڪڍائي ٻاهر نڪتا ته دادا چيو، "هلو ته اڄ وهان کي آئيسڪريم کارايان."

آئيسڪريم جو نالو ٻڌي ٻار خوش ٿيڻ لڳا. سڀ ڪ هوٽل ۾ ويا. ان ڏينهن موڪل هئڻ جي ڪري ڙ وڌيڪ هئي. آئيسڪريم جي انتظار ۾ گهڻو وقت ڳي ويو.

تيستائين هو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

سريش چيو، "منهنجي اسڪول ۾ هڪ ڇوڪرو ڙهندو آهي جيڪو بلڪل گندو آهي. مان هن سان الهائڻ به پسند نه ڪندو آهيان."

فوٽو ڪڍايو نه!"

دادا چيو، "ڀلي، ته پوءِ اسين گانڌي آشرم ڏسي
هڪ اسٽوڊيو ۾ هلنداسين."

ٻيئي ٻار خوش ٿيا.

گانڌي آشرم ڏسي سڀيئي هڪ اسٽوڊيو تي پهتا

مهيش چيو، "مان ٻئي هٿ ڪنن تي رکندس."

سريش چيو، "مان ٻئي هٿ وات تي رکندس."

رميش چيو، "پر مان ته اکين تي هٿ نه رکندس
اکين تي هٿ رکڻ سان منهنجو فوٽو سٺو نه ايندو."

مهيش چيو، "مان اکين تي هٿ نه رکندس."

سريش چيو، "مان به نه رکندس."

رميش چيو، "مان ته اصل نه رکندس."

ٻيئي ٻار پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا.

دادا کين سمجهايو، "گانڌيجيءَ جي ٽن باندر
جهڙو فوٽو ڪڍائڻو اٿو ته هڪڙي کي ته ضرور اکيو
بند ڪرڻيون پونديون. نه تہ ٽن باندرن جهڙو فو
ڪيئن نڪرندو!"

ٻارن کي لڳو ته ها، ڪنهن هڪ کي ته اکيون بن
ڪرڻيون ئي پونديون.

دادا چيو، "اڇو تہ مان توهان کي ويهاريان
مهيش، تون وڏو آهين ان ڪري تون ئي اکيون ب
ڪر. باقي ٻن ۾ مان سريش کي بند ڪندو

٣. آڪاڙي اکروٽ جي!

سڪي ميوي جو هڪ شاهي دڪان هو. انهيءَ دڪان جي هڪ ڪنڊ ۾ اکروٽن جي هڪ ڳوڻ رکيل هئي. ڳوڻ جي بلڪل تري ۾ هڪ مضبوط اکروٽ پيو هو. مضبوط هئڻ ڪري هو پنهنجي مٿان وارن اکروٽن جو بار جهلي ويٺو هو. ڪو ڪمزور اکروٽ هجي ها ته ساهه ئي نڪري وڃيس ها. اهو اکروٽ گهڻن ڏينهن کان انهيءَ ڳوڻ ۾ بند هو. ويچارو اندر ئي اندر بنا روشني ۽ بنا هوا جي پيو ڦٿڪندو هو ۽ ٻاهر نڪرڻ جي وات ڏسندو هو پر اڄڪلهه آهي مهانگائي. ماڻهن کي سڪي ميوي جهڙي مهانگي شيءِ خريد ڪرڻ لاءِ پئسا ڪٿان اچن! انهيءَ ڪارڻ اکروٽ به ايڏا نه وڪامندا هئا. جي وڪامندا به هئا ته بلڪل آهستي آهستي.

نيٺ اهڙو هڪ سڀاڳو ڏينهن به آيو جنهن ڏينهن هن اکروٽ جي مٿان وارا سڀ اکروٽ وڪامي جدا جدا گهرن ۾ پهچي ويا ۽ هن اکروٽ جو وارو آيو.

اکروٽ دڪان ۾ هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي

رميش چيو، "منهنجي ڪلاس ۾ وري هڪ اهڙو ڇوڪرو آهي جيڪو پڙهڻ ۾ مونکان به ڪچو آهي تڏهن به هوشياري گهڻي ڏيکاريندو آهي."

مهيش چيو، "مان ته پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندو آهيان. مون کان ڪير به ڪٽي ئي نه سگهندو آهي."

ان وقت آئيسڪريم اچي ويئي. ٻار ڳالهيون بند ڪري آئيسڪريم کائڻ ۾ لڳي ويا. جڏهن سڀني آئيسڪريم کائي پوري ڪئي تڏهن دادا چيو، "ڏسو ٻارو، گانڌيجيءَ جي ٽن ٻاندرن وانگر توهان فوٽو نه ڪڍايو پر..."

"پر ڇا، دادا؟" هڪ ئي وقت ٽنهي ٻارن پڇيو.

"گانڌيجيءَ جا ٽي ٻاندر ته اسان کي سکيا ڏين ٿا ته بريون ڳالهيون نه ڏسو، بريون ڳالهيون نه ٻڌو ۽ بريون ڳالهيون نه چئو پر توهان هينئر ويٺي ويٺي ڇا ڪري رهيا هئا؟"

سريش چيو، "اڙي ها! اسان ته دوستن جي برائي ڪري رهيا هئاسين!"

رميش چيو، "اسان کان ڀل ٿي ويئي دادا. اسان کي ڪنهن جي به برائي نه ڪرڻ کپي، نه ڏسڻ کپي ۽ نه ٻڌڻ کپي."

ٽيئي ٻار وري ٽن ٻاندرن جي پوز ۾ ويهجي ويا ته دادا کي کل اچي ويئي.

ڪاون لاهيون.“

سڀني اکروٽن کي فرش تي ڦهلايو ويو. گول گول اکروٽ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. سڀني تي مار جو وسڪارو جو ٽيڪو هو. مار کان ته ڀُوت به ڀڄندا آهن. هي ته اکروٽ هئا. گهر جو هرڪو ڀاتي ڪو نه ڪو ساڌن کڻي آيو. ڪنهن ڪنيو لوهه جو هٿوڙو ته ڪنهن ڪنيو لوهه جو دستو؛ ٽي ويٺي ٺڪاٺوڪي چالو. سڀني اکروٽن جا هڏگڏ ٽڙڪ ٽڙڪ ڪري ڀڄڻ لڳا. مضبوط اکروٽ پنهنجن ذات ڀاين جي اهڙي ڪنيير حالت ڏسي ڪنڌون پاسا ڳولهڻ لڳو ۽ سوچڻ لڳو ته ڪا اٽڪل ڪري کسڪي وڃجي. پر گهر جي سڀني ڀاتين جو اهڙو ته سخت پهرو هو جو مجال آهي جو ڪوئي کسڪي سگهي. نيٺ هو به ٽوپٽداس جي هٿ اچي ويو. ٽوپٽداس ڪٽنديئي هٿوڙو مٿس وار ڪيو- ڪٽاڪ!

مضبوط اکروٽ ڏک لڳڻ کان اڳ ۾ پاڻ کي ٽورو پاسيرو ڪري ورتو. ان ڪري کيس ايڏو زوردار ڏک نه لڳو. تنهن کان سواءِ سندس کل هئڻي ٿلهي ۽ پڪي سو ڀڄڻ بدران هٿ مان کسڪي وڃي پري پيو. ٽوپٽداس پڻ پڻ ڪئي، ”هي ته ڪو مضبوط اکروٽ ٿو لڳي.“ ۽ ان کي وري هٿ ۾ قابو پڪڙي هنيائينس زور سان ڏک. هن دفعي وري

ڏٺائين تہ جدا جدا برڻين ۾ ڪاجا، پستا، ڪشمش، ڊاکہ ۽ ٻيا فـروٽ سينگاري رکيل هئا. هڪ وڏي برڻيءَ ۾ سندس ذات ڀائي ٻہ رکيل هئا. انهن کي ڏسي اکروٽ کي ريس ٿيڻ لڳي تہ ڪيئن نہ اهي شان سان انهيءَ برڻيءَ ۾ بند آهن. هو ڪانچ جي برڻيءَ مان سڀ ڪجهہ ڏسي بہ سگهن ٿا.

اکروٽ اچا دڪان واري دنيا جو واءُ سواءُ لهي رهيو هو تہ دڪاندار جو کليل هٿ اچي مٿانئس پيو. هن کي سندس ذات ڀاين يعني ٻين اکروٽن سان گڏ تارازيءَ ۾ توري، ٿيلهيءَ ۾ بند ڪيو ويو. هڪ گراهڪ اها اکروٽن جي ٿيلهي کڻي گهر آيو. ان گراهڪ جو نالو ٽوپڻداس هو. ٽوپڻداس جي گهر ۾ اڄ معجون ٺهڻو هو ان ڪري هن اهي اکروٽ آندا هئا. هو جڏهن ئي گهر پهتو تہ ٻار ڪيس ورائي ويا.

"دادا دادا، مونکي اکروٽ کپي."

"مون کي بہ کپي."

"مان ٻہ کائيندس."

"مان ٽي کائيندس."

ٻار اکروٽ کائڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا.

ٽوپڻداس چيو، "ڪنهن کي بہ اکروٽ نہ ملندو. هنن اکروٽن مان معجون ٺهندو. معجون کائيندا تہ مزو اچي ويندو. اچو تہ هنن اکروٽن کي ڀڃي،

ون لاهڻون.“

سيڻي اکروٽن کي فرش تي ڦهلايو ويو. گول گول
روٽ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. سيڻي تي مار
و وسڪارو جو ٽيڪو هو. مار ڪان نه ڀُوت بــه ڀڄندا
ن. هي نه اکروٽ هئا. گهر جو هرڪو ڀاتي ڪو نه
ڪو ساڏن ڪٽي آيو. ڪنهن ڪنيو لوهه جو هٿوڙو تــه
ڪنهن ڪنيو لوهه جو دستو: ٽي ويئي ٺڪاٺوڪي چالو.
يني اکروٽن جا هڏگڏ ٽڙڪ ٽڙڪ ڪري ڀڄڻ لڳا.
ضبوط اکروٽ پنهنجن ذات ڀاين جي اهڙي گنڀير
حالت ڏسي ڪنڊون پاسا ڳولهڻ لڳو ۽ سوچڻ لڳو تــه
ڪا اٽڪل ڪري کسڪي وڃجي. پر گهر جي سيڻي
ڀاتين جو اهڙو تــه سخت پهرو هو جو مجال آهي جو
ڪوئي کسڪي سگهي. نيٺ هو بــه ٽوپڻداس جي
ٿ اچي ويو. ٽوپڻداس ڪڻنديئي هٿوڙو مٿس وار
ڪيو. ڪٽاڪ!

مضبوط اکروٽ ڏڪ لڳڻ ڪان اڳ ڀاڻ کسي ٽورو
اسيرو ڪري ورتو. ان ڪري ڪيس ايڏو زوردار
ڏڪ نه لڳو. ٽنهن ڪان سواء سندس کل هئي ٿلهي ۽
ڪي سو ڀڄڻ بدران هٿ مـان کسڪي وڃي پري
پو. ٽوپڻداس ڀڻ ڀڻ ڪئي، ”هي تــه ڪو مضبوط
ڪروٽ ٿو لڳي.“ ۽ ان کي وري هٿ ۾ قـابو
ڪڙي هنيائينس زور سان ڏڪ. هن دفعي وري

ٽنائين تي جدا جدا ٻرڻين ۾ ڪاجا، پستا، ڪشمش
ڊاکہ ۽ ٻيا فروٽ سينگاري رکيل هئا. هڪ وڏي
ٻرڻيءَ ۾ سنڌس ذات ڀائي بہ رکيل هئا. انهن کي
ڏسي اکروٽ کي ريس ٿيڻ لڳي تہ ڪيئن نہ اهي
شان سان انهيءَ ٻرڻيءَ ۾ بند آهن. هو ڪانچ جي
ٻرڻيءَ مان سڀ ڪجهہ ڏسي بہ سگهن ٿا.

اکروٽ اڃا دڪان واري دنيا جو واءُ سواءُ لهي
رهيو هو تہ دڪاندار جو ڪليل هٿ اچي مٿانئس پيو
هن کي سنڌس ذات ڀاين يعني ٻين اکروٽن سان
گڏ ٿارازيءَ ۾ توري، ٿيلهيءَ ۾ بند ڪيو ويو. هڪ
گراهڪ اها اکروٽن جي ٿيلهي کڻي گهر آيو. ان
گراهڪ جو نالو ٽوپڻداس هو. ٽوپڻداس جي گهر
اڄ معجون ٺهڻو هو ان ڪري هن اهي اکروٽ آند
هئا. هو جڏهن ئي گهر پهتو تہ ٻار ڪيس ورائي ويا.

"دادا دادا، مونکي اکروٽ کپي."

"مون کي بہ کپي."

"مان بہ کائيندس."

"مان ٻي کائيندس."

ٻار اکروٽ کائڻ لاءِ ڏاڍ ۾ وڙهڻ لڳا.

ٽوپڻداس چيو، "ڪنهن کي بہ اکروٽ نہ ملندو
هنن اکروٽن مان معجون ٺهندو. معجون کائيندا ت
مزو اچي ويندو. اڇو تہ هنن اکروٽن کي ڀڃي

اڙي ٻڪري، هيڏانهن ڪر اهو اکروٽ... ڏسان ته اهو اکروٽ آهي يا ٻيو ڪجهه..."

ٻڪريءَ پيءُ کي اکروٽ ڏنو ته پڻس ان کي ڦيرائي گهيرائي ڌيان سان ڏسڻ لڳو. اکروٽ کي عجب لڳو ته آخر هيءُ ماڻهو ڪيس ائين گهوري ڇو ٿو ڏسي؟ ننڍڙي ٻڪريءَ کي به عجب لڳو. سو پيءُ کي چيائين، "دادا، اکروٽ کي ائين ڇو ٿا ڏسو؟"

پڻس چيس، "توهان کي خبر ناهي ته اڄڪلهه ڪي ڏنگا ماڻهو جدا جدا شين يا رانديڪن ۾ بم لڪائي بي گناهه ماڻهن جون جانيون پيا وٺن. توهان ڪا به شڪي شيءِ ڪٿي ڏسو ته ان کي هٿ نه لائجو. توهان جي ننڍڙي غلطي يا لالچ توهان کي وڏو نقصان پهچائي سگهي ٿي." ڪن رکي چيائين، "هان وٽ ٻڪري. هيءُ سچو پچو اکروٽ ئي آهي." ائين چئي هُو ٻاهر نڪري ويو.

اکروٽ کي اهو ٻڌي پاڻ تي فخر ٿيڻ لڳو ته هُو سچو پچو اکروٽ آهي!

ٻڪريءَ راجوءَ کي چيو، "اڄ ته هن کي ڀڃي کائون. مان دستو کڻي ٿي اچان." ائين چئي هوءَ اندران رنڌڻي مان دستو کڻي آئي ۽ ڀاءُ کي چيائين، "هن کي ڀڃ!"

راجوءَ پنهنجا ڪم بند ڪري، هٿن ۾ دستو کنيو

ٻه اکروٽ پاڻ کي ٽورو پاسيرو ڪري ورتو. ٻيو ڏڪ هو زوردار. تنهن ڪري اکروٽ وچي ڪريو اچا ٻه ٻري. گهر جي دري هئي ڪليل سو اکروٽ انهيءَ مان لنگهي وڃي ڪريو پاسي واري جي گهر ۾. ۽ زور سان آواز ٿيو. ڪٺاڪ!

انهيءَ گهر ۾ راجوءَ نالي ڇوڪرو پنهنجي اسڪول جا ڪم ڪري رهيو هو. هن جو ڪجهه ڪرڻ جو آواز ٻڌو ته يڪدم پنهنجا ڪاپيون ڪتاب بند ڪري اهو ڏسڻ لاءِ اُٿيو ته ڏسان ڇا ڪريو آهي؟ ڪيس اُٿندو ڏسي ڀيڻس دٻ ڪيس، ”ڪيڏانهن پيو وڃين؟ ٻهرين پنهنجا ڪم ويهي ڪر.“

”دادا، مان هڪ منٽ ۾ ٿو اچان...“

”ڇيومانءِ ڪونه ته پنهنجا ڪم ويهي ڪر.“

راجو ويچارو چپ ڪري رهيو. ان وقت راجوءَ جي ننڍي ڀيڻ ننڪي هٿ ۾ هڪ اکروٽ جهلي اندر آئي.

”راجو راجو... رنڌڻي جي اسٽئنڊ تي هي اکروٽ الائي ڪٿان اچي ڪريو...“

تڏهن راجوءَ ٻيءَ کي چيو، ”دادا، شايد هن اکروٽ جو ئي آواز ٿيو هوندو.“

تنهن تي ڀڻس چيس، ”ته ڀوءِ سڌو ڇونه ٿيو چوين. چڱو، هينئر چپ ڪري ويهي ليسن ڪر...

ماڻس چيس، ”پٽ اهو اکروٽ آهي.“

ڪالوءَ وري پڇيو، ”اکروٽ وري ڇا ٿيندو آهي؟“

مار! هيءُ ڇوڪر ته بلڪل ڪو اڻڄاڻ ٿو لڳي! اکروٽ سوچيو. اڄ هرڪو هن جي هستيءَ کي سڃاڻي ٿو ۽ هيءُ ڇوڪرو آهي جو هن جي نالي کان به واقف ڪونهي. هن نه ڪاڏو آهي ڇا ڪڏهن اکروٽ!

اڃا اکروٽ ائين سوچي ئي رهيو هو ته ڪالوءَ جي ماءُ چيو، ”پٽ، هيءَ ڪاٺ جي شيءِ ٿيندي آهي. پستا، باداميون ۽ اکروٽ وغيره جهڙيون شيون مهانگيون ٿينديون آهن. ان ڪري اسان جهڙن غريبن جي قسمت ۾ اهي ڪونهن.“

تڏهن اکروٽ کي ڄاڻ پيئي ته هن ڇوڪر کي سندس باري ۾ خبر ڇو ڪونه آهي.

ڪالو يڪدم اکروٽ کي پنهنجي وات ۾ وجهي، ان کي ڪاٽڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ته ماءُ چيس، ”پٽ، ان جي کل ڏادي سخت ٿيندي آهي. اها وات سان نه ڀڄندءِ. ٻاهران هڪ پٿر کڻي آءُ ته ڀڃي ڏيانءِ.“

ڪالو ڊوڙندو ڊوڙندو ٻاهر ويو.


ٿوري دير ۾ ڪالو ٻاهران هڪ وڏو پٿر کڻي آيو.

تہ اکروٽ جي اکيان انڌيرو ڇانئجي ويو. جڏهن ئي راجوءَ طاقت لڳائي مٿس وار ڪيو تہ هن کي ڏينهن جا تارا ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا. پر شڪر جو هن جي ڪل هئي پڪي ۽ موٽي، تنهن ڪري ٿڪي ڪانہ ۽ هو دستي جي چوٽ کائي اُڏند ڪٽوليءَ جيان اُڏامڻ لڳو. اُتان جو اُڏاميو تہ سڌو اچي ڪريو هڪ جهوپڙيءَ جي اندر، ان وقت اکروٽ سامت جو ساهہ کنيو تہ چڱو ٿيو جو بچي ويس. هاڻي هو جنهن جهوپڙيءَ ۾ اچي ڪريو، ان ۾ هڪ غريب ڇوڪرو ڪالو پنهنجي ماءُ سان گڏ رهندو هو. هو ڏاڍا غريب هئا. ڪالو هڪ سرڪاري اسڪول ۾ پڙهندو هو. هن کي ڪاپيون ۽ ڪتاب بہ هڪ سنستا وٽان مفت ۾ ملندا هئا. هو اڪثر ڪري پنهنجي ماءُ کي چوندو هو تہ هن سان گڏ پڙهندڙ ٻيا ٻار تہ روز پاڻ سان خرچي آڻيندا آهن. هڪ هو ئي آهي جو اِسڪول ۾ ڪجهہ بہ نہ خرچيندو آهي. ماءُ کيس چوندي هئي، ”پٽ، ڇا ڪريون اسين غريب جو آهيون!“

اڄ بہ ڪالو ماءُ کان خرچي گهري رهيو هو تہ جهوپڙيءَ ۾ اچي اکروٽ ڪريو. ڪالوءَ يڪدم اهو هٿ ۾ کڻي چيو، ”اما هيءُ ڇا آهي؟“ ان تي اکروٽ کي عجب لڳو تہ هيءُ وري ڪهڙو ڇوڪر آهي جو کيس بہ نٿو سڃاڻي؟

غريب ڇوڪري کي هيءَ اکروٽ کائڻ لاءِ مڇلندو ڏسي اکروٽ جي دل پگهرجي پيئي. هن سوچيو، "هيلتائين تہ مان اٽڪل ڪري پاڻ کي بچائيندو پئي رهيس ۽ ٽڪڙ نہ ڏنم. پر اڄ هن ڇوڪر کي پنهنجو سواد وڃائڻ ٿي گهرجي. مان قربان ٿي ويس تہ پرواهہ ناهي. هي ڇوڪرو تہ خوش ٿيندو." ائين سوچي هن پاڻ کي پٿر جي وار لاءِ تيار ڪيو. هيئنر ڪالوءَ جي ماءُ جيئن ئي مٿس پٿر جو وار ڪيو تہ هو ٽڪرا ٿي پيو.

ماڻس اهو پٿر کڻي اکروٽ کي ڀڃڻ لڳي ته هر ڀيري اکروٽ پاڻ کسي پاسيرو ڪري بچائي وٺي ورتو. مٿان وري اکروٽ جي کل هئي ٿلهي ۽ مضبوط ان ڪري سندس وار به ونگو نه وٺي ٿيو. تمام گهڻا حيلا هلائڻ کان پوءِ به اکروٽ نه ڀڃي نه ڀڳو. آخر خفي ٿي ڪالوءَ جي ماءُ چيو، ”هي ته ڪو ڀڪو اکروٽ آهي.“ ائين چئي هن اهو ڪالوءَ کي واپس ڏيندي چيو، ”ڀڃي ئي نٿو.“ پر ڪالوُ چوي، ”مونکي اهو ڪيئن به ڪري ڀڃي ڏي.“ ائين چئي هوُ روئڻ لڳو. ماڻس کيس سمجهائيندي چيو، ”مان توکي ڪڏهن ٻيو اکروٽ کارائيندس پٽ، ڏي ته اهو ڦٽو ڪريان.“ پر ڪالو چوي ته، ”مان اهو ئي کائيندس.“ تنهن تي ماڻس چيس، ”ڀلا ڏي ته وري ڪوشش ڪري ڏسان.“



ٻئي هڪ ئي ڪمري ۾ رهندا هئا تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي سان دک سک جون ڳالهيون به ڪندا هئا. خاص ڪري رات جي وقت جڏهن گهر جا سڀ ڀاتي سمهي پوندا هئا تڏهن مرغارام ۽ طوطارام جون ڳالهيون شروع ٿي وينديون هيون. مرغارام آهستي آهستي، طوطارام جي پڃري ڀرسان ايندو هو ۽



طوطارام سان اچي روح رهاڻ ڪندو هو.

روز جيان هڪڙي ڏينهن مرغارام، طوطارام جي پڃري ڀرسان آيو ۽ چوڻ لڳو، ”ڀائي طوطارام، مان ته روز صبح جو زور زور سان بانگون ڏيئي ٿڪجي پيو آهيان. جيڪڏهن اهڙي حالت رهي ته پوءِ پڪ ئي پڪ مان هڪ ڏينهن بيمار ٿي پوندس.“

تنهن تي طوطارام چيس، ”دوست، ائين ڪرڻ

۴. مرغارام ۽ طوطارام

هن گهر ۾ هڪ ڪمرو اهڙو به آهي جنهن کي مرغارام ۽ طوطارام جو ڪمرو چئي سگهجي ٿو. ان ڪمري ۾ مرغارام ۽ طوطارام رهندا هئا. گهر جا سڀ ڀاتي ٻنهي کي گهڻو پيار ڪندا هئا. ڇاڪاڻ ته ٻئي سندن لاءِ ڪمائيندا هئا. مرغارام صبح جو سوير اُٿندو هو ۽ زوردار بانگ ڏيئي سڀني کي صبح ٿيڻ جي ڄاڻ ڏيندو هو. مرغارام جي بانگ ٻڌي گهر جا ڀاتي اُٿي پوندا هئا ۽ گهر جي ڪمن ۾ لڳي ويندا هئا. گهر جو مالڪ ديارام به ٿي سنهيري پنهنجي دڪان تي ويندو هو. طوطارام وري مٺي آواز سان رام جو نالو وٺندو هو. ڪوئي چوندو هوس، "مٺو، چئه سيتارام!" ته هو جهٽ ۾ چئي ڏيندو هو "سيتارام." ڪوئي چوندو هوس "چئه هريرام!" ته طوطارام چوندو هو "هريرام." اهڙيءَ طرح مرغارام ۽ طوطارام ٻئي پنهنجو پنهنجو ڪم ڪندا هئا. ٻنهي تي ڄڻ ڊيوٽي رکيل هئي، جيڪا هو پيا نباهيندا هئا.

تمام گهڻي عرصي کان گڏ رهڻ جي ڪارڻ مرغارام ۽ طوطارام جي پاڻ ۾ دوستي ٿي وئي هئي.

توکي تنهنجو ڪم ڪرڻو آهي، مونکي منهنجو ڪم ڪرڻو آهي. نه مان پنهنجو ڪم توکي سونپي ٿو سگهان نه تون مونکي سونپي ٿو سگهين. اصل کان ئي جيڪا ڳالهه ٿيندي آئي آهي سا ٿيندي رهندي. پوءِ زمانو ويهين صديءَ جو هجي چاهي ايڪويهين صديءَ جو. تنهن ڪري منهنجي توکي صلاح آهي ته پنهنجن وڏن جي ڪيل ڪمن کي اجايو نڌائڻ جي ڪوشش نه ڪر."

پر مرغارام تي طوطارام جي صلاح جو ڪوبه اثر نه ٿيو. هن غصي ٿي چيو، "توکي پنهنجي ڏيوٽي ڪرڻي آهي ته ڀلي ڪر. منهنجي لاءِ ائين ممڪن ڪونهي."

طوطارام چيس، "پر ڀــه تو نيٺ ڇا سوچيو آهي، مونکي به ته ٻڌاءِ."

پوءِ مرغارام پنهنجي يوجنا ٻڌائي. چوڻ لڳو، "مان سڀاڻي کان وٺي صبح جو سوير ته اُٿندس. نڪي ٻانگ ڏيندس، نه "ڪڪڙو ڪُو" ڪندس. توکي به منهنجي صلاح آهي ته ممڪري ڪرڻ بند ڪري ڇڏ. نقل ڪرڻ سان پنهنجو به عقل مڏو ٿي ويندو آهي. ان ڪري سڀاڻي کان تون به "سيتارام" ۽ "راڌيشيام" چوڻ بند ڪر. ٻڌاءِ، اٿئي قبول؟"

پر طوطارام چيو، "نه بابا نه، سيتارام ۽ راڌيشيام

کان سواءِ اسانجو ڇوٽڪارو به نه ڪونهي. مان به تو وانگر پنهنجي ڊيوٽي پوري ڪريان ٿو. هنن ماڻهن جي آنند خاطر طرح طرح جي ممڪري به ڪريان ٿو. اسان جا وڏا به ائين ڪندا هئا ۽ اسين به ڪريون ٿا. اسان جا ٻار به ائين ئي ڪندا.”

پر مرغارام جو مغز ته ان ڏينهن نجاڻ ڇو خوب گرم هو. هن کي طوطارام جي صلاح نه وڻي. هن چيو، ”اسان جي وڏن جا ڏاهيل نيم مونکي پسند ڪونهن. هينئر ايڪويهين صدي اچڻي آهي. زمانو بدلجي ويو آهي. نئين زماني ۾ مان جهونا نيم ٽوڙڻ چاهيان ٿو. هيءَ به ڪا زندگي آهي؟ روز صبح جو اُٿ ۽ ٻانگ ڏيئي سڀني کي اُٿار. منهنجي بدران گهر جو ٻيو ڪو ڀاتي ڇونه ٿو ٻانگ ڏئي؟ رڳو مون ٺيڪو کنيو آهي ڇا؟“

طوطارام کي سمجهه ۾ نه آيو ته هو مرغارام کي ڪهڙو جواب ڏئي. ڪجهه دير ته هو سوچيندو رهيو ته اڄ هن مرغارام کي ٿيو ڇاهي جو ههڙيون ڳالهيون پيو ڪري! کيس شانت ڏسي مرغارام چيو، ”طوطارام! منهنجي ڳالهه جو جواب ڇونه ٿو ڏين؟“

طوطارام ڌيرج سان چيس، ”ڏس دوست، مان سمجهان ٿو ته تون غلط ٿو سوچين. هر ڪنهن ساهواري کي ڀڳوان الڳ الڳ ڪم سونپي ڇڏيو آهي.

آيو تہ بہ گهر جا ڀاتي سمجهيا رهيا. سيٺي کي مرغارام جي ٻانگ ٻڌڻ جي عادت جو پيل هئي!

آخر جڏهن سيٺي جي اکہ کُلي تہ سڀ وائڙا ٿي ويا تہ اڄ مرغارام ٻانگ ڇونہ ڏني! گهر جي مالڪ ديارام جي بہ دڪان تي وڃڻ جو وقت ڪڏهوڪو ٿي چڪو هو. تڪڙ تڪڙ ۾ هو تيار ٿي دڪان تي پهتو پر هن کي مرغارام تي ڏاڍو غصو پئي آيو.

هوڏانهن طوطارام کي بہ گهر جي ٻالڪيءَ روز جي نيم جيان اچي چيو، ”مٺو، چئہ سيتارام!“ تہ طوطارام بہ ڪو جواب نہ ڏنو. هن دوست کي خاطري ڏني هئي ان ڪري چپ رهيو. ٻالڪيءَ ٻہ ٽي دفعا اهيئي لفظ ورچيا پر طوطارام مهاشيہ ڪو جواب نہ ڏنو. ٻين ڀاتين بہ ڪوشش ڪري ڏٺي پر سڀ اجائي!

رات جي وقت گهر جا سڀ ڀاتي جڏهن گڏجي روٽي کائڻ ويٺا تہ جڏهن سيٺي مرغارام ۽ طوطارام جي هلت ۾ آيل ڦيري تي عجب کاڌو. هيڏن سالن ۾ ائين تہ ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو!

ٻئي ڏينهن بہ صبح جو نہ مرغارام ٻانگ ڏني، نہ طوطارام چهنب کولي.

ائين ڪيترن ڏينهن تائين هلندو رهيو.

آخر تڪجي ڪري ديارام هڪ ڏينهن بازار مان

ته منهنجي رڳ رڳ ۾ سمايل آهن. پر پوءِ جا گڻ ڳائڻ ته مونکي به وڻندا آهن. ماڻهو انهيءَ ڪري ئي تـه مونکي پيار ڪن ٿا ۽ پاڻ وٽ رکـن ٿا. مونکي بـه پڳوان جو نالو جپڻ جو موقعو ملي ٿو.“

طوطارام جي اها ڳالهه ٻڌي مرغارام جـي مغز جو پارو سٺين آسمان تـي پهچي ويـو. ”تون منهنجي ڳالهه نٿو مڃين تـه توسان ڪٿي. سپاٽي ڪـان وٺي مونکي جيڪي ڪرڙو هوندو سو ڪندس. هينئر مـان وڃان ٿو. رام رام.“

ائين چئي مـرغارام وڃـڻ لڳو. طوطارام سوچيو، ”سالن جو ناتو هڪڙي معمولي ڳالهه جـي ڪري ٽٽي پوي سا ڳالهه سٺي ته نـه چئبي.“ ائين سوچي هن مرغارام کي وڃڻ کان روڪيو ۽ چيو، ”دوست! ٻڌاءِ مونکي ڇا ڪرڙو آهي؟“

”ڪرڙو وري ڇا آهي؟ سپاٽي کان وٺي پنهنجي پنهنجي ديوتي بند. نـه مان بانگ ڏيندس نـه تون سيتارام چوندين.“

طوطارام جي اِڇا نه هئي تڏهن به هن ائين ڪرڻ جي خاطري ڏني.

ٻئي ڏينهن صبح ٿيو تـه مرغارام بانگ نـه ڏني ۽ آرام سان سمهيو رهيو. مرغارام جو بانگ نـه ڏني ته گهر جي پاتين جي اک به نه کلي. سج مٿي چڙهي

"ها." مرغارام چيو، "واعدو معنيٰ واعدو!"

انهن ڳالهين ڪري ٻئي سمهي پيا. صبح جو سوير گهنٽي وڳي ته ديارام اُٿي کڙو ٿيو. گهڻن ڏينهن کان پوءِ هو صحيح وقت تي اُٿي سگهيو هو. وقت سر تيار ٿي هو پنهنجي دڪان تي ويو.

شام جو گهر جا سڀ ڀاتي ڪٺا ٿيا. هنن پاڻ ۾ سس پس ڪئي. پوءِ ديارام جي وڏي پٽ مرغارام ۽ طوطارام کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري حڪم پڙهي ٻڌايو: توهان ٻئي پنهنجي ڊيوٽي پوريءَ طرح نٿا ڪريو ان ڪري هن گهر مان توهان کي نيڪالي ڏني ٿي وڃي!

اهو حڪم ٻڌي هنن جا هوش حواس اُڏامي ويا. حڪم ٻڌائي مالڪ جو پٽ ته هليو ويو. طوطارام کي لڳو ته مرغارام جي چوڻ تي لڳي، مان پنهنجا فرض پورا ڪرڻ کان گٺو آهيان. ان ڪري هن مرغارام، کي چيو، "هل ته سيٺ کان معافي وٺون. سيٺ ديالو آهي. معاف ڪري ڇڏيندو." پر مرغارام مجال آهي جو مڃي! هن معافي گهرڻ کان انڪار ڪيو. طوطارام سيٺ وٽ ويو ۽ سيٺ کان معافي گهري. سيٺ کيس معاف ڪري ڇڏيو.

مرغارام کي نيڪالي ڏني ويئي. هو گهڻا ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندو رهيو. گهڻن ڏينهن کان

هڪ الارم گهڙيال وٺي آيو.

انهيءَ ڏينهن، رات جي وقت مرغارام ۽ طوطارام جي گڏجاڻي ٿي.

طوطارام چيو، "توکي خبر پيئي؟ اڄ ته سيٺ هڪ گهڙيال آندو آهي، جنهن ۾ ٻڌو اٿم ته هڪ گهنٽي به هوندي آهي. جنهن ٽائيم تي اُٿڻ چاهبو آهي، ان ٽائيم تي گهڙيال جو ڪانٽو ٺاهي رکبو آهي. صبح جو ان ٽائيم تي گهنٽي وڄندي ته سيٺ جي اک کلي ويندي آهي."

مرغارام چيو، "ائين؟ ائين ڪيئن ٿيندو؟ توکي ڪنهن چيو؟"

"اڄ سيٺ صاحب، سيٺياڻيءَ ۽ ٻارن کي ائين ٻڌائي رهيو هو. مون به ٻڌو."

مرغارام خوش ٿيندي چيو، "اها ڳالهه آهي؟ ته پوءِ مان ته هميشه لاءِ ڇٽي پيس. هيئنر ته مونکي ڪڏهن به رڙيون ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي. جي مان به ڪڏهن صبح جو سويرو اُٿڻ چاهيندس ته مان به ان جو فائدو وٺندس. گهنٽيءَ جو آواز ٻڌي اُٿڻ ۾ مزو ايندو."

طوطارام چيو، "جي تون هميشه لاءِ ٻانگ ڏيڻ بند ڪندين ته مونکي به هميشه لاءِ سيتارام چوڻ بند ڪرڻو پوندو. ائين نه؟

٥. مار پيٽيءِ موٽوءَ ٿي!

هڪ ڳوٺ ۾ لڇوءَ نالي هڪ ماڻهو رهندو هو. هُو تمام غريب هو.

هڪ ڏينهن غريبيءَ مان تنگ اچي لڇوءَ سوچيو ته ٻئي ڪنهن ڳوٺ وڃي پنهنجي قسمت آزمائي ڏسان. هن ان باري ۾ پنهنجي پتنيءَ سان به صلاح ڪئي. جنهن چيس ته ها، ائين ئي ٺيڪ ٿيندو. جوڙس پاڙي مان منٿون ميڙون ڪري اٽي جو هڪ ڪٽورو اُڌارو وٺي آئي ۽ پتيءَ کي ڦلڪا پچائي ڏنائين، جي هڙ ۾ ٻڌي لڇو سفر تي روانو ٿيو.

هُو سڄو ڏينهن هلندو رهيو. هلندي هلندي شام ٿي وئي. ان وقت هُو هڪ جهنگل جهڙي سنسان هنڌ تي پهچي چڪو هو. ڀرسان هڪ تلاءُ ڏٺائين. تلاءَ جي ڪناري تي ويهي، پاڻ سان آندل ڦلڪن جي هڙ کولي، کائڻ لڳو. کائڻ کان پوءِ تلاءَ مان پاڻي پي پياس ٻجهايائين ته سڄي ڏينهن جو ٿڪ لهي ويس. ڏٺائين ته هينئر بلڪل اوندهه ٿي وئي آهي ۽ اڳتي شايد گهاٽو جهنگل هجي. ان ڪري من ۾ سوچيائين ته اڄ رات هتي ئي ڪٽجي. پر ڀرسان ڪٿي ڪا جڳهه به ته نٿي ڏسڻ ۾ اچي. چوڌاري وڻ

پوءِ هن کي احساس ٿيو تہ هن پنهنجي دوست طوطارام جي صلاح نہ مڃي سٺو نہ ڪيو. پر هينئر تہ گھڻي دير ٿي چڪي هئي. پوءِ تہ هُو ڪم حاصل ڪرڻ لاءِ گھڻائي گھر ڀٽڪيو پر سڀني چيس، "هينئر ايڪويهين صديءَ اچي ويئي آهي. اسين جاڳڻ لاءِ تہ روبوٽ گھڙيال ڪم آڻيندا آهيون. جاڳائڻ جي لاءِ ٽوڪي گھر ۾ رکڻ تہ پراڻي ڳالهہ ٿي ويئي آهي."

مرغارام گھڻو ئي پڇتايو پر هينئر ڇا ٿئي؟ ●

ته كوئي ڀوت آيو آهي ان كري پنهنجو سڄو مال اُتي ڇڏي ڊپ وچان ڀڄڻ لڳا. هيٺ كرندي ئي لڇوءَ جا ماشا ٽٽي پيا پر جڏهن اكه كليس ته ڳڳون ئي ڳري آيس. نوٽ ئي نوٽ ۽ سونا زيور! هن يكدم هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي ته چورن كي ڀڄندو ڏٺائين. هو بنا پٺيان نهارڻ جي ڀڄندا پئي ويا. لڇو سڄي ڳالهه سمجهي ويو. هن وڌيڪ وقت وڃائڻ بنا سڄو مال هڙ ۾ ٻڌو ۽ انهيءَ ئي دم پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو. رستي ۾ هن كي اهو به خيال آيو ته چورن هيءُ مال الائي كنهن جي گهران چورايو هوندو. جيكڏهن كيس اها خبر پئجي وڃي ته چوري كنهن جي گهران ٿي آهي ته هو مالك كي سڀ شيون باامانت پهچائي ايندو. وري دل ۾ اهو به ويچار آيس ته هك وار هيڏي ملكيت هٿ آئي آهي ته اها واپس ڇو كريان! اهڙيءَ طرح ويچار كندو هو پنهنجي گهر اچي پهتو. هن پنهنجي پتنيءَ سان سموري ڳالهه كئي. هن اها ملكيت ڀڳوان وٽان مليل ڀيٽ سمجهي پاڻ وٽ ركي ڇڏي ۽ هو غريب مان ڦري امير ٿي پيو.

لڇوءَ جي پاڙي ۾ رهندڙ موتوءَ جي زال كي جڏهن ان ڳالهه جي خبر پيئي ته هن يكدم پنهنجي مڙس موتوءَ كي اچي چيو ته هو به لڇوءَ وانگر ڇونه

ئي وڻ آهن. وڻن ڏانهن ڏيان ويندي ئي هن طئہ ڪيو تہ ڪنهن وڻ تي رات ڪٽڻ بهتر ٿيندو. اهو سوچي لڇو هڪ وڻ تي چڙهيو ۽ پاڻ کي سوگهو ڪري ويهي رهيو. وڻ تان ڪري نہ پوي تنهن لاءِ هن جاڳڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر ننڊ کي بہ تہ پنهنجو ڪم ڪرڻو هو، ان ڪري ننڊرا ديويءَ کيس پنهنجي گود ۾ سمهاري ڇڏيو.

ٿوري دير کان پوءِ ڪي چور ڪٿان چوري ڪري انهيءَ وڻ جي هيٺان اچي چوري ڪيل مال ڳڻڻ لڳا. لڇوءَ کي تہ ان وچ ۾ ننڊ اچي ويئي هئي. اوچتو هن جڏن ٿورو پاسو ورايو تہ ڌُو اچي ڪريو چورن جي مٿان! چور بہ هئا ڊڄڻا سو هنن سمجهيو



ايندا ڏسڻ ۾ آيا. موٽوءَ ڏٺو تہ چور اچي رهيا آهن تہ دل ئي دل ۾ خوش ٿيڻ لڳو تہ اڄهو ٿو سندس ٻہ پاڳہ ڪلي. بس، هي چور وڻ هيٺان وهن تہ سندن مٿان وڃي پوان. هوُ ڪيس ڀوت سمجهي ڀڄي ويندا ۽ پوءِ اهو سڄو مال ڪيس ملي ويندو.

هيڏانهن ٿيو ڇا هو جو جنهن ڏينهن هيٺ ڪرندڙ لچوءَ کي ڀوت سمجهي چور پنهنجو مال ڇڏي ڀڄي ويا هئا تہ تڏهن سندن سردار مٿن ڦٽ لعنت وڌي هئي هوُ اِها ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار نہ هو تہ وڻ تان ڪوئي ڀوت ڪريو هوندو. هن چورن کي دٻ ڪيندي چيو هو، "بيوقوفو! توهان چور ٿي بہ ڀوت کان ڊڄو ٿا؟ ڀوت جي شڪل ڏسڻ بنا ئي گيدي ٿي ڀڄي آيا! لعنت آهي توهان جي بهادريءَ تي."

چورن کي بہ تڏهن سمجهہ ۾ آيو هو تہ هنن سچ پچ غلطي ڪئي هئي. ان لاءِ هنن پنهنجي سردار کان معافي بہ گهري هئي تڏهن مس مس وڃي سردار ٿڌو ٿيو هو. بعد ۾ سردار کين اطلاع ڏيئي ڇڏيو هو تہ اهو ئي لالچي ماڻهو لالچ وس ٿي ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ وري هڪ دفعو اُتي ايندو ۽ ڀوت بڻجي توهان کي ڊيڄاريندو. ان ڪري ساوڌان رهجو."

ان ڏينهن کان پوءِ چورن جو اهو نيم ٿي ويو هو تہ هوُ جنهن ڏينهن چوري ڪري ايندا هئا تڏهن

تو قسمت آزمائي! موٽوءَ غصي ٿيندي چيس، ”اڙي ڳهيلي! ائين سڀني کي خزانا ملندا هجن ها ته پوءِ جيڪر سڀ ماڻهو ائين ڪن ها. هي ته ليکوءَ جي قسمت ۾ لکيل هو ان ڪري کيس خزانو مليو. اجايو ڇو ٿي لالچ ۾ پوين.“

پر موٽوءَ جي زال مڃي ڇو ٿي. هن موٽوءَ کي اکيون ڏيکاريندي چيو، ”مان جئن چوانِ ٿي تئن توکي ڪرڻو ئي پوندو.“

زال جي ڪاوڙ اڳيان موٽو ڍلو ٿي پيو. هن هٿ جوڙي چيو، ”چڱو بابا، چڱو. تون جئن چوندينءَ تئن ڪندس. پر هڪ دفعو وري به چوانءِ ته ڏاهي ٿي ڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. اجائي لالچ ڪري مونکي مصيبت ۾ نه وجهه.“

پر موٽوءَ جي زال هوڏ تي. چي، وڃ معنيٰ وڃ. ٻي ڪا ڳالهه نه ٻڌنديس.

موٽوءَ کي پنهنجي جوءِ سان جيترو مٿو هڻڻو هو، اوترو هن هنيو. لاچار ٻيو ڪو رستو نه ڏسي هو به ليکوءَ جيان سفر تي نڪتو. هو به هلندو هلندو اچي ساڳي سنسان جڳهه تي پهتو. زال جئن ٻڌايو هوس تئن ساڳئي وڻ تي اچي اڳوات ويهي رهيو ۽ چورن جو انتظار ڪرڻ لڳو.

رات ٿي ته وري ان ئي وڻ طرف کي چور

٦. گـــڙٻـــڙ

پنهنجو نالو مشهور ڪرڻ لاءِ ڪي ماڻهو ڌرمشالائون ٺهرائيندا آهن ته ڪي جڳهيون جوڙائيندا آهن. ڪي اسپتالون ٺهرائيندا آهن تـه ڪي دان پنج جا ڪم ڪندا آهن. پمي نـالي ڇوڪري جي بـه ڏاڍي دل هوندي هئي تـه پنهنجو نـالو روشن ڪريان. پر هوءَ اجا ننڍو هو، ان ڪري اهڙا ڪم نٿي ڪري سگهيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ نالي روشن ڪرڻ جي باري ۾ ڪلاس ۾ ڳالهه نڪتي ته ماستر چيو، ”ڌرمشالائون يـا جڳهيون يـا اسپتالون ٺهرائڻ نالو تـه ٿئي ٿو پر اهو وقت پڄاڻان ماڻهن کان وسري وڃي.“

تڏهن پمي پنهنجي اُستاد کـان پڇيو، ”سائين، نـالو ڪڍڻ لاءِ ڪهڙا ڪم ڪرڻ گهرجي؟“ پمي جـو سوال ٻڌي ڪلاس جا ڇوڪرا مٺس کلڻ لڳا. چوڻ لڳا، ”وڏو آيو آهي نالي ڪڍڻ وارو.“

پر ماستر چيو، ”پما، مون کـي خوشي آهي جـو توکي نالي ڪيڻ جـي لڳن آهي. جن ۾ لڳن هوندي آهي سي ضرور ڪجهه نـه ڪجهه ڪري ڏيکاريندا آهن. پڙهڻ ۾ بـه نالو ڪيي سگهبو آهي ان ڪري

انهيءَ ئي سنسان جڳهه تي اچي هڪ هڪ وڻ کي
چڱيءَ طرح جاچي ڏسندا هئا ته ڪوئي ماڻهو ته لڪل
ڪونهي. اڄ ته چورن کي پريان ڪان ئي هڪ
ماڻهو وڻ تي ويٺل ڏسڻ ۾ آيو هو. هنن کي خاطري
ٿي ته هيءُ اهو ئي ماڻهو آهي جنهن اڳ ۾ پوٽ
ٻڌي اسان کي ڊيڄاريو هو. بس، پوءِ ته هڪ
چور يڪدم وڻ تي چڙهي ويو. چور کي مٿي
چڙهندو ڏسي موتوءَ جو منهن پيلو ٿي ويو ۽ ٿر ٿر
ڪنبڻ لڳو. وڻ تي چڙهي اِن چور موتوءَ کي هيٺ
ڌڪو ڏنو ته موتوءَ جو هڏ گڏ ڀڄي پيو. پوءِ ته
سڀني چورن اچي ورتس. ڪنهن ٺُڪ ٿي هنيس
ته ڪنهن ڪن ٿي پٽيس. ڪنهن گهٽو ٿي ڏنس ته
ڪنهن وار پٽي پٽيس. مطلب ته جنهن کي جتان
ٿي آيو اُتان ٿي ورتس. مار ڪائي جڏهن موتو
بيهوش ٿي ويو تڏهن مس مس چورن سندس جند
ڇڏي.

تمام گهڻيءَ دير کان پوءِ هوُ سجاڳ ٿيو ته هڏهڏ
چوُر ڪري رهيو هوس. جئن تئن ڪري هوُ اُٿيو ۽
ڏڪندو ٿابڙجندو پنهنجي گهر پهتو. هن جي زال
سندس اهڙا حال ڏسي پڇيو، ”هيءُ توکي ڇا ٿيو
آهي؟ توڏن ۽ زيور جي هڙ ڪٿي آهي؟“

موتوءَ ڪيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ته جوڻس
غصي ٿي چيس، ”تو ۾ عقل ئي ڪونهي. ڀلو ڪيئن
چورن سان ڀڄي آيو!“

ڪان اڳ ئي اهو ٻار ڪسڪي ويو هو. ٻمي کي سمجهه ۾ نه آيو ته هوءَ ڪهڙي جواب ڏئي! آخر جڏهن ٽڏهن ڪري چيائين، "م... م... مان نه، پر ٻه... ٻه... ٻار!"

تنهن تي گهر جي مالڪ دٻ ڪيندي چيس، "شرم نٿو اچيئي جو ٻراون گهرن جون گهنٽيون وڄائيندو ٿو وتين..." ائين چئي هن زور سان دروازو بند ڪري ڇڏيو.

ٻمي ويچاري جو ته حال ئي نه پڇو. هليو هو ٻار جي مدد ڪرڻ ۽ مليس دڙڪا...

ٻئي ڏينهن ٻمو بازار ٻئي ويو ته هڪ دڪان جي ٻاهران هڪ ماڻهوءَ کي بيٺل ڏٺائين. اهو ماڻهو دڪان جي ٻاهران ڪانچ جي ڪٻٽن ۾ رکيل شيون ڏسي رهيو هو ته ان وقت هڪ ڳانءِ تيز رفتار سان ايندي ڏسڻ ۾ آئي. ماڻهو بيٺو هو پٺيرو. ان ڪري هن کي ڳانءِ جي خبر ئي نه پيئي. ٻمي کي لڳو ته ٻڪ ئي ٻڪ ڳانءِ کيس ٿوڙو هڻندي سو يڪدم ڊوڙي هن، ان ماڻهوءَ کي پري ڪرڻ چاهيو. جيڪڏهن ٻمو وقت تي پهچي ان ماڻهوءَ کي پري نه ڪري ها ته ڳانءِ کيس سڱن تي چاڙهي هيٺ ڦٽو ڪري ها. ان ماڻهوءَ کي ٻمي جا شڪرانا مڃڻ کپندا هئا پر ماڻهوءَ کي جو ٿيلهو آيو ته هوءَ ٻاڻ سنڀالي نه سگهيو ۽ ڪرندي ٻچي ويو. ان

في الحال تہ تون پڙهڻ سان چاهہ رکہ. وقت ملينئي تہ عام ماڻهن جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪر. ٻين جي مدد ڪر. ائين ڪندين تہ ماڻهو توکي ڀانئيندا. توکي خوشي بہ ملندي ۽ تنهنجو نالو بہ ٿيندو."

ان ڏينهن ئي ٻمي پرن ڪري ڇڏيو تہ هُو ڀلائي ۽ پر اُپڪار جا ڪم ڪندو.

هڪ ڏينهن ٻمو جڏن پنهنجي گهران نڪتو تہ هڪ گهر جي ٻاهران هڪ ننڍڙي ٻار کي بيٺل ڏٺائين. گهر جو دروازو بند هو. ٻمي سمجهيو تہ هيءُ ويچارو ٻار گهنٽيءَ تائين پهچي نٿو سگهي ان ڪري ڪيس مدد ڪجي. ڀلائي ڪرڻ جو هڪ سٺو موقعو ڏسي ٻمي ڇوڪري کي چيو، "گهٻراءِ نہ. مان اجهو ٿو دروازو کولايان." ائين چئي هن زور سان گهر جي دروازي ٻاهران لڳل گهنٽي وڄائي. "ٽرن... ٽرن... ٽرن..." ٿوري ئي دير ۾ گهر جي مالڪ اچي دروازو کوليو ۽ ٻمي کي بيٺل ڏسي چيائين، "گهنٽي آهستي وڄائڻ نٿي اچيئي؟" اجا ٻمو ڪجهہ چوي ئي چوي ان کان اڳہ ان ماڻهوءَ وري چيو، "چئہ، ڪنهن ۾ ڪم اٿيئي؟"

جواب ڏيڻ کان اڳہ ٻمي ان ننڍڙي ٻار ڏانهن نهاريو، جنهن کي مدد ڪرڻ لاءِ هن دروازو کولايو هو پر اهو ٻار تہ اُتي هئو ئي ڪونہ. دروازو کلڻ

جي پرسان هڪ بئنڪ هئي. هن ڏٺو تہ بئنڪ جي ٻاهران هڪ ڪار بيٺي هئي. ان بئنڪ مان ”بچايو، بچايو“ جا آواز اچي رهيا هئا. پمي پنهنجي پيءُ جي واتان بئنڪن لٽجڻ جا سماچار ٻڌا هئا. هن کي لڳو تہ ضرور ڪي لٽيرا ان بئنڪ کي لٽڻ آيا هوندا ۽ هنن بئنڪ جي ڪرمچارين کي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو هوندو. ان ڪري هن بنا وقت وڃائڻ جي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ ٿي چاهيو. ان وقت پمي کي روڊ تان هڪ اسڪوٽر وارو ڏسڻ ۾ آيو. پمو يڪدم روڊ جي وچ تي بيهي رهيو ۽ اسڪوٽر واري کي رڪجڻ جو اشارو ڪيو. اسڪوٽر وارو بيٺو تہ پمي چيو، ”انڪل انڪل، پرسان واري بئنڪ مان ”بچايو بچايو“ جا آواز اچي رهيا آهن. ضرور ڪائي



ڪري ھن غصي ۾ اچـي پڇيو، ”مون کـي ڏڪو ڪنھن ڏنو؟“

پمي ڌيرج سان چيو، ”ھوءَ گھاڻ توھان کـي ڌڪو ھڻڻ پئي آئي تنھن ڪري...“

”تنھن ڪري ھيئن ڌڪو ڏنو آھي؟“ ائين چئي اھو ماڻھو پمي تـي اُلر ڪري آيو پر ان وچ ۾ ماڻھن وچ ۾ پئي پمي کـي بچايو. ائين پمو مار کائيندي کائيندي بچي ويو.

گذريل ٻن ڏينھن ۾ ڪيل ڀلائيءَ جـي ڪـري مان پمو ٿورو نراس ٿيڻ لڳو. کيس ماڻھن تي عجب ٿي لڳو تہ ڀلائيءَ جو بدلو ماڻھو ائين چو ٿا ڏين! پر تنھن ھوندي بہ ھن ھمت نہ ھاري. ھن پرڻ ڪيو تہ چا بہ ٿي پوي ھو سٺا ڪم ڪرڻ نہ ڇڏيندو. پوءِ ڀلي ھن کي تڪليفون سھڻيون پون.

ٻہ ٽي ڏينھن ائين ئـي گذري ويا. ھڪ ڏينھن منجھند جو پمو اسڪول مان موٽي رھيو ھو تہ ڪنھن ھنداڻ ھن کي ”بچايو، بچايو“ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ھن روڊ جـي اڳيان پٺيان نھاريو پر منجھند جـو وقت ۽ سخت تپت ھئڻ ڪري کيس روڊ تي ڪوبہ ماڻھو نظر نہ آيو تـہ اِھي آواز ڪٿان پيا اچن! پمي کي لڳو تـہ ضرور ڪائي گڙٻڙ آھي. ٿوري جھٽ ھو رستي تـي بيھي رھيو. ھو جتي بيٺو ھو، ان

گڙ ٻڙ آهي.“

”اڇا؟ ته پوءِ ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪرڻ گهرجي.“ ائين چئي اسڪوٽر وارو اسڪوٽر تان هيٺ لٿو ۽ هن زور زور سان رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون ”پڪڙيو... پڪڙيو...“ جهٽ ۾ ماڻهن جا ٽولا اُتي ڪٺا ٿي ويا ۽ چوڌاري ”پڪڙيو... پڪڙيو...“ جو شور ٿيڻ لڳو.

ان وقت ماڻهن ڏٺو ته اُتي لٽيرا هڪ وڏي ٿيلهي ۾ بئنڪ مان چورايل نوٽ وجهي، بئنڪ جي پٺئين دروازي کان ڀڄي رهيا هئا. ماڻهن هنن مٿان پٿرن جا وسڪارا ڪيا پر لٽيرا ڪنهن طرح گوهيون ڏيندا گم ٿي ويا. پر ڀڄندي ڀڄندي هنن جي هٿن مان ٿيلهو ڪري پيو جنهن ۾ بئنڪ مان چورايل ساڍا ٽي لک رپيا هئا. ان وچ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ پوليس ۾ فون به ڪيو هو ۽ اُها به اچي پهتي هئي.

پوليس ۽ ماڻهن کي جڏهن خبر پيئي ته پپو جي وقتائتي همت جي ڪري بئنڪ کي ڌاڙو لڳندي لڳندي بچي ويو ته سڀ هن جي ساراهه ڪرڻ لڳا.

ٻئي ڏينهن تي سڀني اخبارن ۾ بئنڪ لٽجڻ جي سماچار سان گڏ پپي جو فوٽو به ڇپيل هو، جنهنجي ڪري بئنڪ بچي ويئي هئي. اخبار ۾ اهو به ڇپيل هو ته پپي کي سرڪار طرفان انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنو ويندو. ●

ويٺا پبلڪيشن جو ڇپايل ٻال - ساهت

(1) جهرڪيءَ لڏو ڏڪو - جگديش لڇاڻي

[اَڻن سنڌي لوڪ ڪٿائن ۽ پري ڪٿائن جو مجموعو]

(2) رُوپ نگر جي راجڪماري - جگديش لڇاڻي

[سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ تي آڌارت ٻال - اُپنياس]

(3) گلن ڦلن جي راڻي - جگديش لڇاڻي

[سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ تي آڌارت ٻال - اُپنياس]

(4) ڪني آندي ڪنوار - جگديش لڇاڻي

[سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو]

(5) ٻال ڪهاڻيون - جگديش لڇاڻي

(ڇهن ٻال - ڪهاڻين جو مجموعو)

(6) سنڌي لوڪ ڪهاڻيون - جگديش لڇاڻي

[ڇهن سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو]

(7) جهرمو - مدوهر بيدي

(NCERT طرفان انعام حاصل ڪيل ٻال - ڪوتائون)

(8) رنگبرنگي آکاڻيون - جيوت "جوت"

(ٻال ڪهاڻين جو مجموعو)

(9) هڪڙو هو ڏاهڙي - جگديش لڇاڻي

(سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو)

(10) نئين ناني - هوندراج بلواڻي

(ٻال - ڪهاڻين جو مجموعو)

(11) لعل هيري جي تلاش - جگديش لڇاڻي

(اَڏيچيل وگيانڪ ٻال - اُپنياس)

ويٺا پبلڪيشن

703، راجيو اپارٽمينٽ، اُلهاسنگر - 421 001

☎ 70103